

## پوزيشن پيپر

# پاکستان ۾ قانوني امداد

آڪٽوبر 2015

پلڊاٽ
پاکستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊويلپمينٽ
اينڊ ٽرانسپيرنسي



پوزيشن پيپر

# پاڪستان ۾ قانوني امداد

آڪٽوبر 2015

پلڈاٹ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرینسی

پلڊاٽ هڪ خودمختيار، اڻ ڌريو، غير منافعي بخش، تحقيقي ۽ سکيا فراهم ڪندڙ مقامي ادارو آهي جنهن جو مشن پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي سگهارو ڪرڻ آهي.

پلڊاٽ هڪ غير منافعي بخش تنظيم آهي، جيڪا پاڪستان جي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860ع تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي.

ڪاپي رائيٽ: پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊيولپمنٽ اينڊ ٽرانسپيرينسي _ پلڊاٽ

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

پاڪستان مان آڪٽوبر 2015 ع ۾ ڇپرايل

ISBN: 978-969-558-534-4

هن اشاعت جو ڪوبہ حصو پلڊاٽ جو واضح حوالو ڏيئي بيهر شائع ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد آفيس: پي او باڪس نمبر 278، ايف ايٽ، پوسٽل ڪوڊ 44220، اسلام آباد، پاڪستان

لاهور آفيس: پي او باڪس 11098، ايل سي سي ايچ ايس، پوسٽل ڪوڊ 54792، لاهور، پاڪستان

اي ميل info@pildat.org ويب سائيٽ www.pildat.org

# مواد

*ديباچو*

*ليڪ جي باري ۾*

**خلاصو**

**تعارف** 11

**حصو (الف) — بين الاقوامي ۽ علائقائي قانوني نظام، ڀارت ۽ سري لنڪا جون خاص مثالون** 12

- شهري ۽ سياسي حقن جو عالمي ٺاهه (آءِ سي سي پي آر) 12
- انساني حقن جي يورپي معاهدي جي هيٺ قانوني امداد (اي سي ايڇ آر) 13
- قانوني امداد جي لاءِ عام حق 13
- انساني حقن جو يورپي ٺاهه 13
- ڪنهن مرحلي تي قانوني مدد جو حق پيدا ٿيندو آهي؟ 13
- قانوني امداد جي لاءِ وڪيل— چونڊ ۽ فرض 14

**ڏکڻ ايشيا ۾ قانوني امداد** 15

- ڀارت ۾ قانوني امداد 15
- سري لنڪا نيشنل ليگل ايڊ فريم ورڪ 18

**حصو (ب) - پاڪستان ۾ قانوني امداد وارو ڍانچو** 20

- 1973 وارو اسلامي جمهوريه پاڪستان جو آئين 20
- ضلعي قانوني بااختيار بڻائڻ واري ڪميٽي 20
- پاڪستان بار ڪائونسل مفت قانوني امداد قائدا 1999 21
- پبلڪ ڊفينڊر اينڊ ليگل ائڊ آفيس آرڊيننس 2009 22
- غريب ڌر لاءِ فنڊ قائدا، 1974 (Destitute Litigant Fund Rules, 1974) 23
- ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 (The Code of Civil Procedure, 1908) 24
- ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (The Code of Criminal Procedure, 1898) 24

**حصو (ج) - فعال ۽ پائيدار قانوني امداد قانوني مدد وارو سرشتو** 25

**حصو (د) - سفارشون** 27

## ديباچو

پاڪستان ۾ انصاف تائين رسائي واري گهٽتائي جو بحران ان حد تائين بدتر ٿي چڪو آهي جو هتي غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن تائين انصاف وارو سرشتو ناڪام ٿي چڪو آهي. انهي ڪري عام ماڻهو تائين انصاف جي رسائي لاءِ انصاف فراهم ڪرڻ واري سرشتي ۾ اثرائتي، پائيدار ۽ مفت سهولت جوڙڻ ۽ شامل ڪرڻ تمام ضروري آهي.

پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني جي موجوده حالت جي روشني ۾ پلديٽ موجوده انصاف واري سرشتي ۾ مفت قانوني امداد جي بهتري آڻڻ لاءِ قدم کنيو آهي ته جيئن معاشري ۾ رهندڙ غريب ماڻهن تائين انصاف جي رسائي ۾ بهتري آڻي سگهجي.

هي پوزيشن پيپر پاڪستان ۾ مفت قانوني امداد فراهم ڪرڻ لاءِ حقيقتن تي ٻڌل هڪ موقفي مقالو ڏيڻ جي ڪوشش آهي. انهي پوزيشن پيپر ۾ بين الاقوامي ۽ علائقائي ڍانچن جي ڪيس اسٽڊيز جو تجزيو، پاڪستان ۾ درپيش مکيه مسئلن ۽ مشڪلاتن جي شناخت، ۽ انصاف تائين رسائي کي بهتر ڪرڻ لاءِ سفارشون ۽ حل شامل آهن.

## ميڃتا

پلديٽ ڊاڪٽر سوهيل شهزاد، ڊين، فيڪلٽي آف لا ۽ ايڊمنسٽريٽو سائنسس، هزاره يونيورسٽي، مانسهره جي هن پوزيشن پيپر کي لکڻ لاءِ سندن ڪوششن ،خدمتن ۽ سهڪار کي ساراهي ٿي.

انهي پوزيشن پيپر کي پلديٽ ڇپرايو آهي جنهن کي ڊيولپمينٽ آلٽرنيٽوز انڪ (ڊي اي آئي) جي انهينسڊ ڊيموڪريٽڪ اڪائونٽيبلٽي اينڊ سوڪ انگيجمينٽ (اي ڊيس) پراجيڪٽ جي تحت سهڪار ڪيو آهي.

## لاتعلقي جو اظهار

انهي پيپر ۾ ليکڪ جا اظهار ڪيل خيال ضروري ناهن ته پلديٽ ۽ ڊيولپمينٽ آلٽرنيٽوز انڪ (ڊي اي آئي) جي سوچ ۽ نظريي جي عڪاسي ڪن.

اسلام آباد
آڪٽوبر 2015

## ليکڪ جي باري ۾



ڊاڪٽر سوهيل شهزاد هاڻي فيڪلٽي آف لا ۽ ايڊمنسٽريٽو سائنسز، هزاره يونيورسٽي، مانسهره ۾ ڊين طور فائز آهي. هي 2008 کان اجان تائين اسڪول آف لا هزاره يونيورسٽي ۾ باني ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ڊاڪٽر سوهيل شهزاد 2007 کان 2008 تائين ڊپارٽمينٽ آف مئنجمينٽ سائنسز ۾ چيئرمين طور ۽ فيبروري 2014 کان آگسٽ 2015 تائين وائس چانسلر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏيئي چڪو آهي. هن لا ڪاليج يونيورسٽي آف پشاور مان ايل.ايل. بي ۽ ايل. .ايل. ايم ڪيائين ۽ لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس اينڊ پوليٽيڪل سائنسز (برطانيا) مان ڪرمنل جسٽس اينڊ پاليسي ۾ ايم.ايس.سي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر سوهيل شهزاد قانون جي مختلف پهلوئن بابت وسيع ڄاڻ ۽ مهارت رکي ٿو. هن 1994 کان 1997 تائين پشاور بار ۾ وڪالت، 1999 کان 2006 تائين لا ڪاليج يونيورسٽي آف پشاور ۾ ليڪچرر، ۽ 2006 کان 2007 تائين ڊپارٽمينٽ آف لا هزاره يونيورسٽي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور پڻ ڪم ڪيو آهي.

ان کان علاوه هن مقامي ۽ بين الاقوامي ادارن ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو آهي؛ جهڙوڪ: يونائيٽيڊ نيشنز ڊيولپمينٽ پروگرام (يو اين ڊي پي) جي Strengthening Rule of Law Program in Malakand منصوبي (مئي _ جولائي 2015) ۾ نيشنل ٽيڪنيڪل سپيشلسٽ ، ڊپارٽمينٽ آف انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ، ڪوفي ، (DFID) ۾ ٽيڪنيڪل ايڊوائزر ڪريڪشنل سروسز (ڊسمبر 2014)؛ ۽ هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان ۾ ٽريننگ سپيشلسٽ (آڪٽوبر 2013) .

ڊاڪٽر شهزاد ٻين ادارن جنهن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو آهي انهي ۾ آمريڪن بار ايسوسيئشن رول آف لا انيشيئٽوِ، فائونڊيشن اوپن سوسائٽي، انٽرنيشنل ڪميٽي آف دي ريڊ ڪراس (پاڪستان)، ۽ خيبرپختونخواه جوڊيشل اڪيڊمي شامل آهن.

ڊاڪٽر شهزاد ڪيترائي تحقيقي ليک لکيا آهن ۽ مختلف قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ پڻ شرڪت ڪئي آهي.

## خلاصو

قانوني امداد جي جيڪا اصطلاح هتي استعمال ڪئي وئي آهي ان مان مراد مختلف قسمن جي قانوني امداد يا سهولت جيڪا غريب يا مسڪين ماڻهن ڪي انصاف جي مڪيه ذارا تائين رسائي لاءِ فراهم ڪئي ويندي آهي. قانوني امداد هڪ وڪيل بغير ڪنهن معاوضي جي انفرادي يا تنظيمي حيثيت ۾ ڪنهن قانوني امدادي ڪمپني، اداري يا غير سرڪاري تنظيم (اين جي او) جي ذريعي فراهم ڪندو آهي.

پاڪستان ۾ آبادي جي اڪثر حصي کي قانوني نظام تائين پهچ حاصل نه آهي ۽ ان جو سڀ کان وڏو سبب انهن وٽ مالي وسيلن جي کوٽ ۽ قانون ۽ قانوني حقن جي باري ۾ شعور جي کوٽ آهي حڪومت محتاج ۽ ضرورت مند ماڻهن کي انصاف جي وقت تي پهچ لاءِ قانوني امداد جي ضرورت کي تسليم ڪري ٿي ۽ ان مقصد لاءِ ڪجھ قانونن ۽ ضابطن ۾ قانوني امداد جي فراهمي سان لاڳاپيل شقن کي شامل ڪري ٿي پر ان جي باوجود قانوني امداد جي لاءِ ڪو گڏيل ۽ برابري وارو قانوني نظام موجود نه آهي جنهن جي نتيجي ۾ رسمي قانوني نظام تائين پهچ حاصل ڪرڻ اجا به پاڪستان جي اڪثر عوام جي لاءِ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا انهن جي طاقت کان ٻاهر آهي.

پاڪستان ڪيترن ئي بين الاقوامي معاهدن تي صحيحون ڪيون آهن ۽ انهن جي پاسداري ڪئي آهي ۽ اهڙن معاهدن جي به پاسداري ڪئي آهي جنهن تحت رياستن ۽ حڪومتن تي لازمي آهي ته اهي شهري ۽ غير شهري محتاج ۽ ضرورت مند ماڻهن کي قانوني امداد جي ذريعي انصاف تائين پهچ کي يقيني بڻائين.

پاڪستان جي آئين جي باب 2 جي آرٽيڪل 3 (ڊي) جيڪو پاليسي جي اصولن جي باري ۾ آهي ان ۾ رياست تي لازمي آهي ته اها گهٽ خرچ عيوض ۽ تيزي سان انصاف فراهم ڪري. اسلامي جمهوريه پاڪستان جي 1973 جي آئين جي آرٽيڪل 10 (اي) جي موجب ”انصاف تي ٻڌل ڪيس جي حق“ جي بطور بنيادي حق ضمانت ڏني وئي آهي. قانون جي نظر ۾ برابري هڪ ٻيو بنيادي حق آهي جنهن جي آئين جي آرٽيڪل 25 ۾ ضمانت ڏني وئي آهي. پاڪستان جي آئين جا ٽي حوالا انصاف تائين پهچ کي هڪ بنيادي حق جي طور تي ثابت ڪن ٿا ۽ رياست ۽ حڪومت ٻئي ان ڳالھ جا پابند آهن ته ان حق جي پهچ هر شهري تائين يقيني بڻائين.

ان لاءِ ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته رياست قانوني امداد جي فراهمي کي تسليم ڪري ٿي ۽ ان مقصد جي لاءِ ان ڪجھ نالي ماتر فنڊ مختص ڪري رکيا آهن پر انهن فنڊن جي ورهاست باقاعده ناهي ٿيندي ۽ ان جو سبب اهو آهي ته نظام ورهايل ۽ بيڪار آهي.

ليگل پريڪٽشنرز اينڊ بار ڪونسل ايڪٽ سال 1973ع جي شق 13 (1 اي) جو تعلق قانوني امداد جي فراهمي سان آهي. اها شق ان وقت عمل ۾ آندي وئي جڏهن سال 1999ع ۾ پاڪستان بار ڪونسل فري ليگل ايڊ ڪميٽين جي اصول ۽ ضابطن سال 1999ع جي هيڊ مرڪز، صوبن ۽ ضلعن جي سطح تائين ليگل ايڊ ڪميٽيون جوڙڻ جي لاءِ شق موجود آهي. هر هڪ ليگل ايڊ ڪميٽي پاڻ وٽ وڪيلن جي پينل جون به فهرستون رکندي آهي. اهڙا وڪيل جيڪي رضاڪاراڻي طور تي خدمتون فراهم ڪندا آهن ۽ اهي وڪيل جيڪي تمام ٿوري معاوضي تي خدمتون پيش ڪندا آهن . بغير معاوضي فري ليگل ايڊ ڪميٽين جي اصولن ۽ ضابطن 1999ع موجب پاڪستان بار ڪونسل ۽ صوبائي بار ڪونسلن جي هر ميمبر تي فرض لاڳو ٿئي ٿو ته اهي سال ۾ هڪ ٻيرو ليگل ايڊ ڪميٽي جي پاران حوالي ڪيل گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪيس ضرور پنهنجي ذمي ڪٽن. ليگل ڪميٽي وٽ ڪو محفوظ مالياتي ذريعو ناهي ۽ وڏيڪ ڪميٽيون پاڪستان بار ڪونسل جي پاران مهيا ڪيل فنڊن ۽ ڪجھ وقتن تي حڪومتن، اين جي اوز ۽ انفرادي شخصيتن پاران ڏنل گرانٽس تي هلن ٿيون.

پبلڪ ڊيفينڊر (عوام جو بچاءُ) اينڊ فري ليگل ايڊ آرڊيننس سال 2009 جو ملڪ ۾ لاڳو ٿيڻ هڪ پائيدار ليگل ايڊ سسٽم جي قيام جي لاءِ هڪ سٺو سنوڻ هو ان آرڊيننس ۾ پبلڪ ڊيفينڊر سسٽم جي قيام لاءِ شق ڏني وئي آهي. صوبائي سطح تي ان آفيس جو سربراهه چيف پبلڪ ڊيفينڊر آهي جيڪو قانوني

امداد جي باري معاملا ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊيفينڊر ۽ ليگل ايڊ ڪميٽين جي ڊيفينڊرز جي آفيسن جي ذريعي سرانجام ڏيندو آهي، تنهن هوندي آرڊيننس هڪ قانون جي شڪل اختيار نہ ڪري سگهيو ۽ اهو تاريخ جو حصو بڻجي ويو.

دي ڊسٽرڪٽ ليگل ايمپاورمينٽ ڪميٽي (آئين ۽ فرض) اصول ۽ ضابطا سال 2011ع هڪ ٻيو ذريعو آهي جيڪو قانوني امداد فراهم ڪرڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ليگل ايمپاورمينٽ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو پابند بڻائي ٿو. ان اصول ۽ ضابطن جي هيٺ ڊسٽرڪٽ ايمپارومينٽ ڪميٽي ضلعي سطح تي موجود آهي جنهن جو سربراه ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج هوندو آهي جيڪو ڪميٽي جي چيئرپرسن جي طور تي ڪم ڪندو آهي. ڪميٽي جي ٻين ميمبرن ۾ ڊپٽي ڪمشنر (پوليٽيڪل ايجنٽ)، سپرنٽينڊنٽ جيل ۽ سول سوسائٽي جو هڪ نمائندو (نامزد ميمبر جي طور تي) شامل هوندا آهن.

سول ۽ فوجي ضابطن جي قانون ۾ بہ اهڙو مواد ۽ شقون شامل آهن جيڪي قانوني امداد جي باري ۾ آهن. سول ۽ فوجي ضابطن جي آرڊر 33 سال 1908ع (سي پي سي) ۾ ”مفلس“ ماڻهن جي باري ۾ هڪ شق ڏني وئي آهي شرط اهو آهي تہ ڪيس داخل ڪرائيندڙ اهو ثابت ڪندو هجي تہ اهو ڪورٽ فيس ادا نٿو ڪري سگهي. سول ۽ فوجي قانون جي شق 340 سال 1898 (سي پي سي) ۾ سرڪاري خرچ تي وڪيل (ڪونسل) جو بندوست ڪرڻ جي باري ۾ چيو ويو آهي.

دي ڊيسٽي ٽيوٽ لٽي گينٽ فنڊ رولز 1974 ۾ اهو چيو ويو آهي تہ غريب ۽ مسڪين ڪيس وڙهندڙن کي آئيني معاملن ۾ قانوني امداد فراهم ڪئي وڃي. انهن ضابطن ۾ غريب شخص جي تعريف هڪ اهڙي شخص جي طور تي ڪئي وئي آهي جنهن وٽ ڪنهن رٽ پٽيشن (ڪيس) ۾ ڪورٽ فيس يا ٻيا خرچ ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ذريعو نہ آهي. اها امداد لاڳاپيل ڪورٽ جي پاران ڊپٽي رجسٽرار (جوڊيشل) يا ان باري ۾ ڪنهن بہ شخص جي نالي هڪ درخواست لکڻ تي فراهم ڪئي ويندي آهي. ڊپٽي رجسٽرار(يا ڪو لاڳاپيل شخص) ان معاملي ۾ اهو طئہ ڪرڻ جي لاءِ تحقيقات ڪرائيندو آهي تہ درخواست گذار ” غريب ۽ مسڪين“ جي تعريف تي پورو لهي ٿو يا نہ. ضابطن جي هيٺ حڪومت هر هڪ هاءِ ڪورٽ لاءِ فنڊ مختص ڪندي آهي.

مٿي بيان ڪيل بحث مان ثابت ٿئي ٿو تہ معاشري جي غريب ۽ مسڪين طبقن جي لاءِ قانوني امداد جي موضوع تي قانون ۽ ضابطا موجود آهن، ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اهي ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جيڪي طريقا گڏيل طور تي جوڙيا ويا آهن انهن تي پورو لهن ٿا يا نہ. اهي معاملا هن مقالي ۾ بحث هيٺ آندا ويندا.

موجود مواد جي وڏيڪ جائزي جي لاءِ انهن قانونن ۽ ضابطن جي استعمال ۾ سنگين مسئلن جي نشاندهي ٿئي ٿي، جيئن تہ اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ سمورن قانونن ۽ ضابطن جو دارومدار مختلف محافظن وٽ آهي. پاڪستان بار ڪونسل پنهنجي بغير معاوضي قانوني امداد جي باري ۾ مرڪزي، صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي قائم ڪميٽين جي ڪم سان تعلق رکي ٿي جڏهن تہ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايل جي سي پي) ضلعي سطح تي ڊسٽرڪٽ ايمپاورمينٽ ڪميٽين (ڊي ايل اي سي) جي ڪم جي نگراني ۽ سنڀال ڪري ٿي. عدليہ، پراسيڪيوشن آفيس ۽ قانون وارو ادارو اهي سڀ سول ۽ فوجداري ڪيسن ۾ قانوني امداد جي فراهمي جي لاءِ پنهنجي پنهنجي طريقي سان ڪم ڪن ٿا.

مٿي بيان ڪيل بحث مان بيشمار معاملن جي نشاندهي ٿئي ٿي جنهن جي ذميواري ۾ قانوني امداد جي فراهمي شامل آهي پر ان جي باوجود پاڪستان ۾ ضرورت مند ڪيس وڙهندڙ ۽ معاشري جا ڪجھ ٻيا طبقا انصاف جي پهچ کان محروم رهندا آهن.

# تعارف

مقالي جي هن حصي ۾ پاڪستان ۾ قانوني امداد جي موجوده صورتحال، ان جي قانوني ۽ انتظامي نظام کي مختصر طور تي بيان ڪيو ويو آهي، گڏوگڏ ان نظام کي سولو ۽ برابري وارو بنائڻ ۽ ان تي عملدرآمد ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ مشڪلاتن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. مثال جي طور تي مفلس ۽ غريب ڪيس وڙهندڙن کي قانوني امداد جي خدمتن تائين فراهمي، هن مقالي ۾ موجود قانونن ۽ اهڙا قانون جيڪي ضايع ٿي ويا آهن انهن جو تجزيو پيش ڪيو ويو آهي.

هن مقالي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، حصي (الف) ۾ قانوني امداد، انصاف تي ٻڌل ڪيس ۽ مختلف ٺهرائن جي هيٺ ٽيندڙ قانوني امداد، معاهدن ۽ بين الاقوامي معاملن جي باري ۾ عالمي معيارن جو ذِڪر ڪيو ويو آهي. هن حصي ۾ ٽن ايشيائي ملڪن پاڪستان، انڊيا ۽ سري لنڪا ۾ قانوني امداد جي موجوده صورتحال جو به تجزيو ڪيو ويو آهي.

حصي (ب) ۾ پاڪستان ۾ قانوني امداد جي خدمتن جي موجوده صورتحال جو مجموعي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن حصي ۾ مختلف ادارن پاران جوڙيل موجوده قانونن ۽ ضابطن کي بيان ڪيو ويو آهي جن جو مقصد ضرورت مند ڪيس ورهندڙن کي قانوني امداد فراهم ڪري انهن کي انصاف تائين پهچ ڏيڻ آهي. هن حصي کي ذيلي حصن ۾ ورهايو ويو آهي جن ۾ قانون بشمول ڊسٽرڪٽ ليگل ايمپاورمينٽ ڪميٽي رولز 2001، پاڪستان بارڪونسل جي فري ليگل ايڊ رولز 1999، پبلڪ ڊيفينڊرز آرڊيننس سال 2009، ڊيسٽي ٽيوٽ ڪيس وڙهندڙن جو فنڊ 1974ع ۽ سول ۽ فوجداري ضابطن جي قانونن جي هيٺ مختلف معاملن جو تجزيو ڪيو ويو آهي.

حصي (ج) جو ڳانڍاپو موجوده قانوني امداد جي طريقيڪار بشمول ان جي ڪم ۽ عملدرآمد جي مسئلن ۽ ضابطن ۾ خامين جي صورت ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ سوالن جو مجموعي طور تي جائزو وٺڻ سان آهي. هن حصي ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن هڪ غيرفعال قانوني امدادي نظام غريب ڪيس وڙهندڙن کي قانوني نظام تائين پهچائڻ ۾ رڪاوٽ آهي.

حصي (د) ۾ ملڪ جي موجوده قانوني امدادي نظام کي درپيش مسئلن ۽ مشڪلاتن تي توجه ڏيڻ جي لاءِ ڪجھ عام سفارشون پيش ڪيون ويون آهن جيئن پاليسي جي سطح تي ان تي غور ۽ فڪر ڪري سگهجي.

## حصو(الف)- بين الاقوامي ۽ علاقائي قانوني نظام، ڀارت ۽ سري لنڪا جون خاص مثالون

### شهري ۽ سياسي حقن جو عالمي ٺاهه (آءِ سي سي پي آر)

قانوني امداد جي حق کي روايتي بين الاقوامي قانون ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. شهري ۽ سياسي حقن جي باري ۾ بين الاقوامي معاهدو (آءِ سي سي پي آر) هڪ اهم ترين بين الاقوامي قانوني دستاويز آهي جنهن ۾ رياستن ۽ عوام کي قانوني امداد فراهم ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو آهي.قانوني امداد کي آءِ سي سي پي آر جي ضابطن ۾ هڪ بنيادي انساني حق تسليم ڪيو ويو آهي جيڪو ماڻهن جي خلاف ڏوهن جي الزامن جو پتو لڳائڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ضمانتن جي باري ۾ آهي. انهن ضمانتن ۾ ڪنهن فرد جو پنهنجي مرضي جي مطابق قانوني امداد جي ذريعي خود پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۽ قانوني مدد جو حاصل ڪرڻ جيڪا ڪنهن فرد کي ڪنهن ڪيس ۾ ڏني ويندي هجي، جتي انصاف جي مفادن جي ضرورت هجي ۽ اهڙي ڪيس ۾ ڪو معاوضو ادا نه ڪرڻ جيڪڏهن ان فرد وٽ ان جي ادائيگي جي لاءِ ڪافي وسائل موجود نه هجن(آرٽيڪل 14)

گڏيل قومن جي آءِ سي سي پي آر جي جنرل ڪمينٽ 28 جنهن ۾ مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ برابري تي توجه ڏني وئي آهي ۾ ان نظريي جو اظهار ڪيو ويو آهي ته رياستون ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ جي لاءِ قدم کڻن ته عورتن کي خاص طور تي خانگي معاملن ۾ قانوني امداد تائين برابري واري پهچ حاصل هجي. گڏيل قومن جي ٻين معاهدن، عام تبصرن ۽ خاص موضوعن مثال طور ٻارن جي حقن، نسلي اڻ برابري، مهاجر مزدورن جي حقن ۽ هائوسنگ حقن جي لاءِ بغير معاوضي قانوني امداد جي سفارش ڪئي وجي ٿي.[1]

گڏيل قومن جي وڪيلن جي ڪردار جي باري ۾ بنيادي اصولن ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

”حڪومتون غريب ماڻهن ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته پنتي پيل ماڻهن کي قانوني خدمتن جي لاءِ مناسب فنڊ ۽ ٻين وسيلن جي فراهمي کي يقيني بڻائينديون. وڪيلن جون پيشه ورانيون تنظيمون انهن خدمتن، سهولتن ۽ ٻين وسيلن جي بندوبست ۽ فراهمي ۾ تعاون ڪنديون“[2]

گڏيل قومن جي قيدين سان سلوڪ جي باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ضابطن ۾ چيو ويو آهي ته هڪ اهڙو قيدي جنهن تي ڪيس نه هلايو ويو هجي، ان (مرد يا عورت) پنهنجي ڪيس جي لاءِ بغير معاوضي قانوني امداد حاصل ڪرڻ جي لاءِ جتي اها موجود هجي  کي درخواست ڏيڻ جي اجازت ڏني ويندي.[3] گڏيل قومن جي گهٽ عمر وارن (نابالغ) ڏوهارين جي بچاءَ جي لاءِ جيڪي پنهنجي آزادي کان محروم آهن،

1. International Covenant on Civil and Political Rights, adopted and opened for signature, ratification and accession by General Assembly resolution 2200A (XXI) of 16 December 1966 entry into force 23 March 1976, in accordance with Article 49. http://www.ohchr.org/en/professionalinterest/pages/ccpr.aspx.
2. Basic Principles on the Role of Lawyers, adopted by the Eighth United Nations Congress on the Prevention of Crime and the Treatment of Offenders, Havana, Cuba 27 August to 7 September 1990. http://www.ohchr.org/EN/ProfessionalInterest/Pages/RoleOfLawyers.aspx
3. Standard Minimum Rules for the Treatment of Prisoners, adopted by the First United Nations Congress on the Prevention of Crime and the Treatment of Offenders, held at Geneva in 1955, and approved by the Economic and Social Council by its resolutions 663 C (XXIV) of 31 July 1957 and 2076 (LXII) of 13 May 1977. http://www.ohchr.org/Documents/ProfessionalInterest/treatmentprisoners.pdf.

ضابطن ۾ اهڙن گهٽ عمر وارن ڏوهارين جي ان حق تي زور ڏنو ويو آهي جيڪي حراست ۾ هجن يا جيڪي ڪيس هلڻ جو انتظار ڪندا هجن.[4]

## انساني حقن جي يورپي معاهدي جي هيٺ قانوني امداد (اي سي ايڇ آر)

انساني حقن جي يورپي معاهدي جو تعلق "انصاف تي ٻڌل ڪيس" جي حق ۾ آهي. ان معاهدي جي آرٽيڪل 6 (1) ۾ عدالت تائين پهچ جي موضوع جو ذڪر ڪيو ويو آهي جڏهن ته آرٽيڪل 6 (3) (سي) ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪيس ۾ ملوث ذاتي پيشي يا پنهنجي مرضي جي قانوني امداد جي وسيلي يا ان وٽ قانوني امداد جي لاءِ فيس ادا ڪرڻ جي طاقت نه آهي، پنهنجو (مرد يا عورت) دفاع ڪرڻ جي لاءِ قانوني امداد موجود آهي جيڪا ان کي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ بغير معاوضي فراهم ڪئي وڃي.

## قانوني امداد جي لاءِ عام حق

### انساني حقن جو يورپي ناهه

انساني حقن جي يورپي ناهه (اي سي ايڇ آر) جي موجب حڪومتون انهن ماڻهن کي امداد فراهم ڪرڻ جون پابند آهن جن کي ان جي ضرورت هجي. انساني حقن جي باري ۾ يورپي عدالت (اڳتي ان جي لاءِ حوالي جي طور تي عدالت جو لفظ استعمال ڪيو ويندو) آرٽيگو جو هڪ ڪيس اٽلي جي خلاف (1981)(3 اي ايڇ آر آر) جنهن ۾ اهو قرار ڏنو ويو ته قانوني نمائندگي عملي ۽ اثرائتي ٿيڻ هجڻ گهرجن. اهو بيان ڪيو ويو ته نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڪيل جي نامزدگي ڪافي ناهي هوندي ڇوته آرٽيڪل 6 (3) (سي) امداد جو ذڪر ڪندو آهي ۽ نامزدگي جو ذڪر ناهي ڪندو ۽ جيڪڏهن وڪيل ڪجهه سببن جي ڪري بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۾ ناڪام ٿي ويندو آهي ۽ حڪومت کي ان صورتحال جي باقاعده اطلاع ڪئي ويندي آهي ته ان کي (يعني حڪومت کي) وڪيل کي جلد تبديل ڪرڻ گهرجي يا ان کي پنهنجي ذميداري پوري ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي.

ان ڪان پوءِ جي ڪيسن ۾ عدالت آرٽيگو ڪيس جي اثرن کي گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. هڪ ٻيو ڪامانسڪي جو آسٽريا جي خلاف (1991) 13، اي ايڇ آر آر) ۾ فراهم ڪئي ويندڙ قانوني امداد جي خوبي جي باري ۾ سوال تي عدالت ان خيال جو اظهار ڪيو ته جيتوڻيڪ نامزدگي ڪافي ناهي هوندي، حڪومت قانوني امداد جي وڪيل جي هر خامي جي ذميدار نه آهي. تنهن هوندي فيصلو ان حقيقت تي ٻڌل هو ته ڪامانسڪي ڪيس جي دوران وڪيل جي ڪيس خراب ڪرڻ جي باري ۾ عملدارن کي ڄاڻ ناهي ڏني.

هڪ تازو ڪيس جيڪو عزت نفس جي معاملي تان پيدا، عدالت ان حد تائين اها ڳالهه قرار ڏني ته ايري آئرليند جي خلاف قانوني امداد ڪان انڪار کي انصاف ڪان انڪار جي طور تي ڏسي سگهجي ٿو.

### ڪنهن مرحلي تي قانوني مدد جو حق پيدا ٿيندو آهي؟

آرٽيڪل 6 (3) سي ۾ شق موجود آهي ته ڪوبه شخص جيڪو ڏوهن جي الزامن تي ڪيس کي منهن ڏئي رهيو هجي، ان کي قانوني امداد جو حق حاصل آهي. عام طور تي قانوني امداد يا مشوري جي

4. United Nations Rules for the Protection of Juveniles Deprived of their Liberty Adopted by General Assembly resolution 45/113 of 14 December 1990. http://www.unrol.org/files/TH007.PDF.

ضرورت خاص طور تي سنگين ڪيسن ۾ ڪنهن شخص تي فرد جرم لاڳو ٿيڻ کان تمام اڳ، ڪجھ وقتن تي شايد ابتدائي تحقيقاتي مرحلي جي وقت تي محسوس ٿيندي آهي.

گرينگر برطانيه جي خلاف ((1983) (35، ڊي آر 75)) جي ڪيس ۾ حڪومت انساني حقن جي باري ۾ يورپي ڪميشن (اڳتي ان جو ذڪر لفظ ڪميشن سان ڪيو ويندو) جي سامهون اهي دليل ڏنا ته قانوني امداد جو حق اهڙي صورت ۾ موجود هوندو جڏهن اها ڳالهه صاف هجي ته ڪيس ڪنهن شخص تي الزام لڳائڻ کان پوءِ قائم ڪيو ويندو. تنهن هوندي عدالت ان نتيجي تي پهتي ته آرٽيڪل 6 (1) (عدالت تائين پهچ) ۽ آرٽيڪل 6 (3) (سي) (قانوني امداد) ٻنهي کي ملائي پڙهيو وڃي ۽ جيڪڏهن اها هڪ غيرجانبدار مبصر تي ظاهر ٿي وڃي ته انصاف تي ٻڌل برابري واري ٻڌڻي قانوني مشوري کان بغير منعقد نه ٿي سگهي. ان صورت ۾ ٻنهي شقن (آرٽيڪل 6 (1) جي هيٺ حق) ۽ آرٽيڪل 6 (3) سي جي ڀڃڪڙي هوندي.

گرينگر اصول کي هڪ قدم وڌيڪ اڳيان وڌائيندي امبروشيا جو سوئيزرلينڊ جي خلاف ((1994) 17، اي ايڇ آر آر 441)) ڪيس ۾ وڌايو ويو آهي جڏهن عدالت اهو فيصلو ڏنو ته آرٽيڪل 6 (3) (سي) ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي جيڪا حڪومت کي وقت کان اڳ ڪيس ۾ قانوني امداد فراهم ڪرڻ کان روڪيندي هجي پر عدالت ان کي هڪ ضابطو بنائڻ کان ڪيٻايو ۽ ان خيال جو اظهار ڪيو ته "ان جو دارومدار ڪارروائين جي خصوصي خوبين ۽ ڪيس جي حالتن تي هوندو".

## قانوني امداد جي لاءِ وڪيل– چونڊ ۾ فرض

انساني حقن جي باري ۾ يورپي ڪميشن جو بيان آهي ته اهو يقيني بنائڻ آهي ته حڪومت جو فرض آهي ته حڪومت جي پاران فراهم ڪيل وڪيل ڪيس جو دفاع ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هجي. (ايف جو سوئيزرلينڊ جي خلاف (1989) 61، ڊي آر 171) تي ڪميشن اهو نظريو لاڳيتو اختيار ڪيو آهي ته ڪيس وڙهندڙ جنهن کي قانوني امداد فراهم ڪئي وڃي ان کي پنهنجو (مرد يا عورت) قانوني نمائندو چونڊڻ جو هڪ طرفو حق حاصل نه آهي. رينگيسن جو آسٽريا جي خلاف (80–1979)، اي ايڇ آر آر 456))

اهو سوال ڪرائوسنٽ جرمني جي خلاف ((1993) 16، اي ايڇ آر آر 135)) ڪيس ۾ به عدالت جي غور هيٺ آيو. جڏهن اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن هڪ ڪيس وڙهندڙ کي هڪ وڪيل جي چونڊ جو حق حاصل آهي ته اهو لازمي طور تي ڪجھ حدن سان مشروط هجي جتي بغير معاوضي قانوني امداد جو تعلق هجي.

"بچاءَ واري وڪيل کي مقرر ڪرڻ وقت قومي عدالتن کي ڪيس وڙهندڙ جي خواهشن جو لازمي احترام ڪرڻ گهرجي. تنهن هوندي اهي انهن خواهشن کي رد ڪري سگهن ٿيون جتي اهو سمجهن ته ان جا ڪيترائي سبب موجود آهن ۽ اهي سڀ لازمي طور تي منصفاڻي انصاف جي لاءِ فائدي ۾ آهن."

انساني حقن جي باري ۾ يورپي ڪميشن جي هيٺ قانوني امداد جي باري ۾ وڪيل تي هڪ ذميداري لاڳو ٿئي ٿي ته اهو ڪيس وڙهندڙ جي اثرائتي انداز ۾ نمائندگي ڪري. ان جو لازمي طور تي اهو مطلب هوندو ته ڪيس وڙهندڙ جي نمائندگي ان جي (مرد يا عورت) خواهش ۽ هدايتن جي مطابق ڪئي وڃي. پر ان ضابطي ۾ تاڪيد ڪندي هڪ شرط جو اضافو ايڪس برطانيه جي خلاف ((1981) 21 ڊي آر، 126)) ڪيس ۾ ڪيو ويو جتي اهو قرار ڏنو ويو ته ڪيس وڙهندڙ ان ڳالهه تي اصرار نه ڪري سگهندو ته ان جو ڪيس غير اخلاقي انداز ۾ هلايو وڃي.[5]

5. European Convention on Human Rights, 1953. http://www.echr.coe.int/Documents/Convention_ENG.pdf.

# ڏکڻ ايشيا ۾ قانوني امداد

## ڀارت ۾ قانوني امداد

سال 1950ع جي ڏهاڪي ۾ ڀارت ۾ قانون سان لاڳاپيل ڪميونٽي جي توجه قانوني امداد جي معاملي جي طرف ڏياري وئي. ڀارت جي پهرين لا ڪميشن ان مسئلي تي نتيجه خيز بحث ڪئي ۽ چوڏهين رپورٽ ۾ مشورو ڏنو ته بغير معاوضي قانوني امداد هڪ خدمت آهي جيڪا حڪومت کي فراهم ڪرڻ گهرجي ۽ حڪومت کي اها ذميداري قانوني امداد جي لاءِ فنڊن جي فراهمي ڪري لازمي قبول ڪرڻ گهرجي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته:

”جيڪڏهن قانون معاشري جي تمام طبقن کي انصاف حاصل ڪرڻ جي لاءِ برابري جا موقعا فراهم نه ڪندو ته پوءِ ان جي ڪا حفاظتي قدر ۽ قيمت نه آهي ۽ ان وقت تائين ته ڪجھ غريب ماڻهو جن کي ڪورٽ فيس، وڪلين جي فيس ۽ ڪيس وڙهڻ جا هنگامي خرچ ادا ڪرڻ جي لاءِ ذريعا فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڪو بندوبست نه ڪيو وڃي ان کي انصاف حاصل ڪرڻ جي موقعن کان انڪار سمجهيو ويندو.“

ڪميشن ان ڳالھ جو ذڪر به ڪيو ته وڪلين کي پاڻ امدادي اسڪيمن تي ڪم ڪرڻ جي ذميداري قبول ڪري ان نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سال 1960ع ۾ ڀارت جي يونين حڪومت قانوني امداد جي نظام جي باري ۾ سفارشون پيش ڪيون پر انهن سفارشن مان ڪو به لاڀ حاصل نه ٿيو ڇوته رياستي حڪومت ان منصوبي جي لاءِ مالياتي وسيلا فراهم ڪرڻ ۾ وڏيڪ گرم جوشي جو اظهار ناهي ڪيو.

ڀارتي حڪومت سال 1972ع ۾ قانوني امداد جي لاءِ هڪ ماهرن جي ڪميٽي جوڙي جنهن جو چيئرمين جسٽس ڪرشنا آئير هو. اها ڪميٽي جسٽس آئير ڪميٽي جي نالي سان مشهور ٿي ۽ ان سال 1973ع ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. رپورٽ ۾ چيو ويو ته:

”.... قانون ۽ انصاف کي هاٿي وڏيڪ به الڳ ڀاڱا قرار نٿو ڏئي سگهجي ۽ اهو لازمي ٿي ويو آهي ته اهي هيٺ غريب ماڻهو جو قانون جي نظام ۾ اعتماد بحال ڪرڻ ۽ انهن کي مناسب قانوني امداد فراهم ڪرڻ جي لاءِ ملي ڪري ڪم ڪن.“

ڪميٽي جي سفارشن سان ڀارت جي قانوني امدادي نظام جي بنياد قائم ٿي.[6]

ڪميٽي قانوني امدادي ڪميٽين قائم ڪرڻ جي لاءِ هڪ مفصل منصوبو تجويز ڪيو ۽ يونيورسٽين ۾ لا ڪلينڪ قائم ڪرڻ جون سفارشون شامل ڪيون ۽ وڪيلن کي قانوني امدادي اسڪيم جي مدد ۽ حمايت ڪرڻ تي زور ڏنو.

ڪرشنا آئير ڪميٽي جي سفارشن جو نتيجو سڌوسنئون بغير معاوضي قانوني امداد جي تصور جي صورت ۾ نڪتو ۽ ان کي ڀارت جي آئين سال 1950 جي آرٽيڪل 39 اي جي تحت هڪ حق جي طور تي تسليم ڪيو ويو. انهن کي آئين ((42 هين ترميم)ايڪٽ 1976)) جي هيٺ حڪومت جي پاليسي جي باب ناقابل انصاف جي اصول ۾ شامل ڪيو ويو.[7]

6. A Brief History of Legal Aid. Written by: Varun Pathak- fourth year student- Amity Law School, New Delhi. http://www.legalserviceindia.com/articles/laid.htm.
7. The Constitution of India, 1949 (Updated upto (Ninety-Eighth Amendment) Act, 2012).

آئين جي آرٽيڪل 39 اي کي اثرائتو بنائڻ جي لاءِ سال 1980ع ۾ پارٽي حڪومت قانوني امدادي اسڪيم تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ (سي آءِ ايل اي ايس) مقرر ڪئي جنهن جو سربراه چيف جسٽس پي اين ڀاڳوتي هو جنهن کي ملڪ ۾ برابري جي بنياد تي قانوني امدادي اسڪيم لاڳو ڪرائڻ جو ڪم حوالي ڪيو ويو.

ان ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به اهم آهي ته 1970ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ اعلي عدالتن به قانوني نمائندگي جي حق کي تسليم ڪري ورتو. جيتوڻيڪ محدود انداز ۾ آئين جي آرٽيڪل 21 جي فياضانه تشريح ڪئي وئي جنهن جو تعلق جان ۽ آزادي جي حفاظت سان آهي. ڀارت جي سپريم ڪورٽ جي ان اصول کي سنيل بترا جي دهلي انتظاميه جي خلاف ((1978 (ايس سي سي 494) ڪيس ۾ به ورجايو ويو آهي.

سال 1987ع ۾ پارليمنٽ ليگل سروسز اٿارٽيز ايڪٽ سال 1987ع پاس ڪيو ويو جنهن پوري ڀارت ۾ امدادي خدمتن کي برابري واري انداز ۾ قانوني بنياد فراهم ڪري ڇڏيو ۽ اهو ايڪٽ نومبر 1995ع ۾ مڪمل طور تي لاڳو ڪيو ويو.

نيشنل ليگل ايڊ سروسز اٿارٽيز ايڪٽ سال 1987ع جي تحت هڪ نيشنل ليگل ايڊ اٿارٽي جي قيام جو خيال پيش ڪيو ويو جنهن کي نومبر 1993ع ۾ وجود ۾ آندو ويو، جڏهن ته اهو ادارو سن 1998ع ۾ ڪم شروع ڪري سگهيو. [8]

هن ايڪٽ جي تحت ٽئن مرحلن ۾ قانوني امدادي اٿارٽي ۽ سروسز قائم ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

## نيشنل ليگل ايڊ سروسز اٿارٽيز ايڪٽ 1987

قومي سطح تي جيڪو ادارو قائم ڪيو ويو آهي ان جو نالو نيشنل ليگل ايڊ سروسز اٿارٽي (اين اي ايل ايس اي) آهي جنهن جو سربراه ڀارت جو چيف جسٽس آهي ۽ سپريم ڪورٽ جو هڪ ريٽائرڊ جج ان جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي.

اين اي ايل ايس اي هڪ معتبر ادارو آهي جنهن کي ايڪٽ جي شقن جي تحت قانوني خدمتن کي موجود رکڻ جي پاليسين ۽ اصول جوڙڻ جي لاءِ ۽ قانوني خدمتن کي تمام وڌيڪ اثرائتو ۽ شهرين لاءِ اسڪيمون بنائڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. اهو رياستي قانوني خدمتن جي لاءِ عملدارن ۽ اين جي اوز کي قانوني امدادي اسڪيمن ۽ پروگرامن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ گهربل فنڊ ۽ گرانٽس فراهم ڪندو آهي.

### اسٽيٽ ليگل ايڊ سروس اٿارٽي

رياستي سطح تي سٽيٽ ليگل ايڊ سروس اٿارٽي ڪم ڪري رهي آهي جنهن جو سربراه لاڳاپيل هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هوندو آهي ۽ هاءِ ڪورٽ جو هڪ ريٽائرڊ جج ان جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هوندو آهي. اسٽيٽ ليگل ايڊ سروس اٿارٽي مرڪزي اٿارٽي (اين اي ايل ايس اي) جي پاليسين ۽ حڪمن کي اثرورسوخ وارو بنائڻ جي لاءِ ۽ رياست ۾ ماڻهن کي قانوني امداد فراهم ڪرڻ ۽ لوڪ عدالتن کي هلائڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي.

### ڊسٽرڪٽ ليگل سروسز ڪميٽي

ضلعي سطح تي ڊسٽرڪٽ ليگل سروسز ڪميٽي هوندي آهي جنهن جو چيئرمين ڊسٽرڪٽ جج هوندو آهي. ڊسٽرڪٽ ليگل سروسز ڪميٽي ضلعي ۾ قانوني امدادي پروگرام ۽ اسڪيمن تي عملدرآمد ڪندي آهي.

8. Legal Service Authorities Act, 1987 (39 of1987). http://lawmin.nic.in/la/subord/nalsa.htm.

## تعلقہ ليگل ايڊ سروسز ڪميٽي

هيءَ ڪميٽي تعلقہ جي سطح تي ڪم ڪندي آهي جنهن جو چيئرمين عهدي جي لحاظ کان سينئر سول جج هوندو آهي. تعلقہ ليگل ايڊ سروسز ڪميٽي تعلقي ۾ قانوني خدمتن جي سرگرمين کي مضبوط ڪندي آهي ۽ لوڪ عدالتون بہ قائم ڪندي آهي.

## اهليت جو طريقيڪار

1987ع جي ايڪٽ جي شق 12 ۾ بنا معاوضي قانوني امداد جي وصولي جي لاءِ تفصيلي طريقيڪار جوڙيو ويو آهي.

ان ۾ اهل شخص جي تعريف هيٺين طرح بيان ڪئي وئي آهي:

”هن ايڪٽ جي تحت هر شخص جنهن کي ڪيس داخل ڪرائڻو آهي يا دفاع ڪرڻو آهي، قانوني خدمتن جو مستحق هوندو، شرط اهو آهي تہ اهو شخص هيٺ ڏنل شرطن تي پورو لهندو هجي:

1. شيڊولڊ ڪاسٽ يا شيڊولڊ قبيلي جو ڪارڪن هجي. يا
2. انساني اسمگلنگ جو شڪار هجي يا فقير هجي جيئن آئين جي آرٽيڪل 23 ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. يا
3. هڪ عورت يا هڪ ٻار. يا
4. ذهني طور تي مريض يا معذور شخص. يا
5. هڪ شخص جيڪو اڻٽر مصيبتن جي حالتن ۾ گهيريل هجي مثال جي طور تي وڏي پيماني تي تباهي جو شڪار، نسلي تشدد، ذات پات جو ظلم، سيلاب، سوڪهڙي، زلزلي يا صنعتي تباه ڪاري جو شڪار هجي. يا
6. هڪ صنعتي ڪارڪن. يا
7. حراست هيٺ هجي، بشمول ڪنهن حفاظتي گهر ۾ حراست، جنهن جي تعريف غير اخلاقي تجارت (روڪ ٿام) ايڪٽ 1956 (1956 کان 104) ۾ ڪئي وئي آهي يا گهڻ عمر ٻارن جي گهر ۾ ان شق جي تعريف جي مطابق. يا
8. گهڻ عمر ٻارن جو انصاف ايڪٽ 1986 (1986ع کان 53) يا ڪنهن نفسياتي اسپتال ۾ يا نفسياتي سارسنڀال جي اداري ۾ جنهن جي تعريف مينٽل هيلٿ ايڪٽ 1987ع (1987ع جو 14) جي تحت ايندي هجي. يا
9. ساليانې آمدني 9 هزار روپين کان گهٽ حاصل ڪندو هجي يا اهڙي ٻي وڏيڪ رقم جنهن کي رياستي حڪومت تجويز ڪيو هجي. شرط اهو آهي تہ ڪيس سپريم ڪورٽ کان سواءِ ڪنهن ٻي عدالت ۾ هجي ۽ جيڪڏهن ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ هجي تہ 12 هزار روپين کان گهٽ يا ٻي وڏيڪ رقم جيڪا مرڪزي حڪومت مقرر ڪري ليگل سروسز اٿارٽي ڪيس وڙهندڙ جي قانوني امداد وصول ڪرڻ جي اهليت جوانداز و لڳائڻ کان پوءِ ۽ ان جا/جي حق ۾ ڪيس وڙهڻ جي لاءِ سرڪاري خرچ تي وڪيل فراهم ڪندي ۽ گهربل عدالتي فيس ۽ ٻيا جائز خرچ ادا ڪندي. قانوني امداد وصول ڪرڻ واري شخص جي لاءِ ضروري آهي تہ جڏهن ڪيس لاڳاپيل سروسز اٿارٽي وٽ پهچي وڃي تہ اهو پاڻ وٽان ڪا معمولي يا جزوي ادائيگي ڪري.

گذريل سالن ۾ ليگل ايڊ اٿارٽيز انهن تمام سطحن تي جيڪي ڪم ڪيا آهن ان ۾ اهڙن ڪيترن ئي جڳهن جي نشاندهي ٿي آهي جتي وڏيڪ محنت ۽ ڪوشش جي ضرورت آهي. اين اي ايل ايس اي انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪيترائي قدم ڪيا آهن. انهن مان ڪجهہ هيٺ شامل آهن:

1. ليگل ايڊ سروسز جي تشهير
2. اين جي اوز کي قانون جي باري ۾ خواندگي ۽ قانوني آگاهي جي لاءِ مهم هلائڻ طرف راغب ڪرڻ
3. جيلن جي اندر قانوني امدادي سهولتن جو انتظام ڪرڻ

4. ملڪ جي تمام ضلعن ۾ مشاورتي ۽ اصلاحاتي مرڪز قائم ڪرڻ
5. غيروڪالتي رضاڪارن جي تربيت، انهن کي ليگل سروسز ادارن جي اهم آفيسن ۾ شامل ڪرڻ ۽ ڳوٺ جي سطح تي ليگل ايڊ ڪلينڪ قائم ڪرڻ
6. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ قانوني خواندگي جا پروگرام شروع ڪرڻ.

1987ع ايڪٽ جي تحت جيڪا اسڪيم فراهم ڪئي وئي آهي ان جي پهنجي پهچ تمام گهٽي وسيع آهي ۽ پنهنجن مقصدن حاصل ڪرڻ مان پراميد آهي پر جڏهن ته حقيقت ۾ اجا تائين پنهنجي تصور جي مطابق سمورا مقصد حاصل ناهي ڪري سگهي.

اين اي ايل ايس اي تي تنقيد ڪئي وئي آهي ته ان تي ججن جو داٻو آهي، اها هڪ حقيقت آهي جيڪا صحيح معني ۾ ليگل ايڊ يا ليگل ايمپاورمينٽ پروگرام ۾ اثرائتيون قانوني امدادي خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي. ليگل ايڊ وڪيلن کي ڏنيون ويندڙ فيسيون تمام گهٽيون معمولي آهن ۽ ان لاءِ جيڪي خدمتون فراهم ڪيون وينديون آهن اهي ايتريون اثرائتيون نه آهن.[9]

## سري لنڪا نيشنل ليگل ايڊ فريم ورڪ

سري لنڪا جي ڊيموڪريٽڪ سوشلسٽ جمهوريه جي آئين جي آرٽيڪل 13 (3) ۾ هڪ بااختيار عدالت جي پاران منصفانه ڪيسن جي حق جي ضمانت ڏني وئي آهي ۽ سمورن ماڻهن کي اهڙي عدالت جي روبرو ٻڌڻي جو حق حاصل آهي. جيتوڻيڪ قانوني امداد جي حق کي واضح طور تي ان ۾ شامل ناهي ڪيو ويو، آئين جي آرٽيڪل 13 ۾ قانون جو مناسب طريقيڪار ڏنو ويو آهي. آئيني ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته قانوني امداد جو حق انهن آرٽيڪلن کي پڙهڻ سان مشروط ڪيو ويو آهي.[10]

ليگل ايڊ ايڪٽ سال 1978ع جي هيٺ سري لنڪا ۾ قانوني امداد کي هڪ آزاد حيثيت سان تسليم ڪيو ويو آهي ۽ سري لنڪا ۾ هڪ آزاد ليگل ايڊ ڪميشن (ايل اي سي) قائم ڪيو ويو آهي. ان ڪميشن جا مقصد ايڪٽ جي شق 3 ۾ ڏنا ويا آهن.

”ضرورت مند ماڻهن کي قانوني مشاورت ڏيڻ ۽ قانوني ۽ ٻين ڪارروائين جي لاءِ فنڊز فراهم ڪرڻ جي لاءِ هڪ اثرائتي ليگل ايڊ اسڪيم تي عملدر آمد ڪرائڻ ۽ مستحق ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ قانوني وڪيلن جون خدمتون حاصل ڪرڻ ۽ مستحق ماڻهن کي ٻي اهڙي امداد فراهم ڪرڻ جيڪا انهن کي قانوني امداد جي موجودگي جي لاءِ ضروري هجي“

ليگل ايڊ ايڪٽ جي تحت ديواني ڪيس ۽ بنيادي حقن جي ڪيسن ۾ ۽ انهن ماڻهن جي لاءِ ضمانت حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪي هڪ سال کان وڌيڪ وقت جي لاءِ ريمانڊ تي آهن، امداد فراهم ڪئي ويندي آهي. ليگل ايڊ ڪميشن جو بنيادي نقطو غير ڏوهاري معاملن تي ٻڌل آهي جيڪي ان حقيقت سان اپرن ٿا ته ڏوهاري ڪيسن ۾ قانوني امداد (گهٽ کان گهٽ اصول جي طور تي) سري لنڪا جي ديواني ضابط قانونن جي تحت جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، پهريان ئي فراهم ڪئي ويندي آهي.

ليگل ايڊ ڪميشن 9 ميمبرن تي ٻڌل آهي، ٽن جي مقرري انصاف وارو وزير ڪندو آهي ۽ ڇهن ميمبرن جي نامزدگي سري لنڪا بار

9. Ibid
10. Constitution of Sri Lanka, 1978. http://www.priu.gov.lk/Cons/1978Constitution/1978ConstitutionWithoutAmendments.pdf.

ڪونسل (سري لنڪا بار ايسوسي ايشن جي گورننگ ڪونسل) پنهنجي ميمبرن مان ڪندي آهي.

ليگل ايڊ ايڪٽ 1978ع جي تحت ليگل ايڊ ايڊوائيزري ڪونسل به قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو ڪردار وزير ۽ ليگل ايڊ ڪميشن کي قانوني امدادي خدمتن جي فراهمي، ان جي فطرت ۽ ان جي گنجائش جي باري ۾ مشورو ڏيڻ ۽ ليگل ايڊ ڪميشن(شق 14–16) جي پيش ڪيل تمام رپورٽن جو غور سان مشاهدو ڪرڻ ۽ ان تي تبصرو ڪرڻ آهي. ڪونسل ۾ چيف جسٽس جيڪو عهدي جي لحاظ کان ان جو چيئرمين آهي ۽ ٻيا 30 ميمبر شامل هوندا آهن. مشاورتي ڪونسل ۾ ليگل ايڊ ڪميشن جا 9 ميمبر، سري لنڪا بار ايسوسي ايشن جا نامزد ڪيل 3 ميمبر، چيف جسٽس جا نامزد 6 ميمبر (جيڪي عدليه جي نمائندگي ڪندا آهن) ۽ وزارت انصاف جي طرفان 12 ميمبر نامزد ڪيا ويندا آهن جيڪي انهن گروپن جي نمائندگي ڪندا آهن جيڪي قانوني امداد جي فراهمي ۾ دلچسپي رکندا آهن جڏهن ته ليگل ايڊ ڪميشن جو اهم نقطو قانوني امداد تي ٻڌل آهي ان جو اختيار قانوني امدادي خدمتن جي فراهمي کان وسيع تر ۽ مٿانهون آهي جن ۾ اهڙن معاملن کي شامل ڪيو ويو آهي جهڙوڪ قانون جي باري ۾ ڄاڻ، تربيت ۽ سڌارو، ان ۾ تجرباتي بنيادن تي پروگرام، قانوني ڪلينڪ ۽ خصوصي منصوبن کي تيار ڪرڻ ۽ قانوني پيشي سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ عوام کي ميمبرن جي خصوصي ضرورتن جي هيٺ تعليم ۽ تربيت جي پروگرامن تي عملدرآمد ڪرائڻ شامل آهي.

ليگل ايڊ ايڪٽ جي تحت هڪ ليگل ايڊ فنڊ به قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو انتظام ليگل ايڊ ڪميشن وٽ آهي. اهي فنڊ رياست کان يا ٻين ڊونرن پاران موصول ٿيل عطين تي ٻڌل هوندا آهن ۽ انهن کي ليگل ايڊ ڪميشن جي ڪم تي خرچ ڪيو ويندو آهي. پنهنجي قيام کان وٺي، سري لنڪا جي حڪومت ان فنڊ ۾ معمولي عطيو ڏنو آهي جڏهن ته وڏيڪ فنڊ بين الاقوامي ڊونرز کان حاصل ٿيندا آهن.[11]

ليگل ايڊ ڪميشن سري لنڪا جي سمورن حصن ۾ قانوني امداد جي سرگرمين کي پکيڙڻ ۾ تمام گهڻو متاثر ڪندڙ ۽ ڪامياب رهيو آهي. ايڪٽ کان اڳ قانوني امداد جون گهڻيون سرگرميون ڪولمبو جي علائقي تائين محدود هيون. هيءُ هڪ تمام گهڻو جامع پروگرام آهي ۽ ڄاڻ وڌائڻ (قانوني حقن جي باري ۾) جي سرگرمين جي ذريعي ۽ قانوني تعليمي پروگرام جي ڪلينڪ قائم ڪري روايتي قانوني امدادي خدمتن کان تمام گهڻو مٿانهون ڪم ڪري رهيو آهي.

آئين جي تمام شقن کي جيڪڏهن ملائي ڪري پڙهيو وڃي ته اها حڪومت کي غريب ۽ نادار ڪيس وڙهندڙن جي حق جي طور تي بغير معاوضي قانوني امداد فراهم ڪرڻ جو پابند بڻائيندي آهي.

11. The Legal Aid Sector in Sri Lanka: Searching for Sustainable Solutions. A Mapping of Legal Aid Services in Sri Lanka, 2009. The Asia Foundation UNDP Equal Access to Justice Project UNHCR Ministry of Constitutional Affairs and National Integration Ministry of Justice and Law Reform https://asiafoundation.org/resources/pdfs/SriLankaLegalAid.pdf.

## حصو(ب) - پاڪستان ۾ قانوني امداد وارو ڍانچو

### 1973 وارو اسلامي جمهوريه پاڪستان جو آئين

1973 وارو اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين مطابق رياست تي اهو فرض آهي ته هو پنهنجن شهرين کي بنا ڪنهن متڀيد جي سستو ۽ تيز انصاف مهيا ڪري. بين الاقوامي انساني حقن جا معيار انسانن جي ترقي لاءِ سستي ۽ تيز انصاف جي فراهمي ۽ ڪيس جي ٻڌڻي جي حق کي اهميت جي لائق سمجهن ٿا. مثالي طور تي اها رياست جي ذميواري آهي ته هو بنا ڪنهن فرق جي پنهنجي شهرين کي مفت، تيز ۽ آسان انصاف فراهم ڪري. پر ڪيس جي ٻڌڻي جي حق ۽ قانوني امداد جي اهميت نه صرف رياست ۽ سرڪار پر قومي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري ادارن (NGOs)) کي ڀرپور ۽ مڪمل ڪوشش لاءِ زور ڀري ٿي.

### ضلعي قانوني بااختيار بڻائڻ واري ڪميٽي (District Legal Empowerment Committee)

ضلعي قانوني بااختيار بڻائڻ واري ڪميٽيون (آئيني ۽ فعال) قائدا 2011 ضلعي سطح تي قانوني بااختيار بڻائڻ واريون ڪاميٽيون جوڙڻ لاءِ ٺاهيا ويا جيڪي" قانون جي رسائي واري ترقياتي فنڊ جي قانوني بااختيار بڻائڻ واري فنڊ "، ٻين امدادن ۽ مقامي، صوبائي ۽ وفاقي فنڊن کي استعمال ڪندي قانوني امداد فراهم ڪنديون.

اهي قائدا پاڪستان جي قانون ۽ انصاف واري ڪميشن جي 1979 واري آرڊيننس جي ڀاڱي 9 جي تحت جوڙيا ويا ۽2 جولائي 2012 تي SRO No 684(10)/2011 جي نوٽيفڪيشن ذريعي پڌرا ڪيا ويا.

### مسڪين ماڻهو جي وصف

قائدن جي سيڪشن2( C) جي تحت هڪ ضرورتمند ماڻهو ڊر آهي جيڪو پنهنجي جائز قانوني حقن ۽ مفادن کي بچائڻ لاءِ پنهنجن مالي وسيلن جي آهر ڪيس وڙهڻ لاءِ قانوني مدد يا سهڪار حاصل نه ڪري سگهي .

### ڪاميٽي جي جوڙجڪ

ضلعي قانوني بااختيار بڻائڻ واري ڪميٽي کي ضلعي سطح تائين نمائندگي هوندي. ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج يا اضلعي قاضي انهي ڪاميٽي جو چيئرپرسن طور هوندو آهي ۽ پنهنجي ضلعي ۾ ڪاميٽي جي ڪارونهوار جي سربراهي ڪندو. انهي ڪاميٽي جي ٻين ميمبرن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر (پوليٽيڪل ايجنٽ يا ڊپٽي ڪمشنر)، سپرٽينڊنٽ جيل ۽ هڪ سول سوسائٽي جو گڏيل نمائندو پڻ شامل هوندو آهي.

### مسڪين ڌر جي مدد

ڊسٽرڪٽ ڪاميٽي مسڪين ڌُر کي قانوني مدد فراهم ڪرڻ لاءِ فنڊ ڏيندي. انهي مدد ۾ وڪيلن جي فيس، ڪورٽ جي فيس، ڪاپين، ڪاغذن، وغيره جو خرچ شامل آهن.

### وڪيلن جي پئنلن جي فهرست

ڊسٽرڪٽ ڪاميٽي قانوني ماهرن ۽ وڪيلن جي فهرست کي سهڙيندي. پئنل جي تقرري وائس چيئرپرسن صوبائي بار ڪائونسل ۽ ضلعي بار ڪائونسل جي مشاورت ۽ لاڳاپيل هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي منظوري ڪانپوءِ ٿيندي.

### وڪيلن جي پئنل جي ڪارڪردگي جو جائزو

ضلعي ڪاميٽي کي اهو اختيار حاصل هوندو ته اها وڪيلن جي ڪارڪردگي جو ساليانه بنياد تي جائزو وٺي. ڪاميٽي وڪيل کي

ڏنل ڪيس جي حوالي سان لاڳاپيل ڪورٽ جي ڪيسن جي مشاهدي ذريعي تصديق ڪرڻ وارا اختيار پڻ رکي ٿي..

**ضلعي ڪاميٽي کي درخواست**

ڪو بہ ضرورتمند ماڻهو ضلعي ڪاميٽي کي قانوني امداد لاءِ درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو. ڪاميٽي انهي درخواست جي معائني ڪرڻ ڪانپوءِ درخواست گذار جي اهليت طئہ ڪندي آهي. ان ڪانپوءِ ڪاميٽي انهي ڪيس کي فهرست ۾ موجود وڪيلن ڏانهن اماڻيندي آهي.

**ضلعي ڪاميٽي جي فنڊنگ**

انهي ڪاميٽي جي فنڊنگ جا ذريعا "قانون جي رسائي واري ترقياتي فنڊ جي قانوني بااختيار بڻائڻ واري فنڊ"، ٻين امدادن ۽ مقامي، صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن جا فنڊز آهن.

**پاڪستان بار ڪائونسل مفت قانوني امداد قائدا 1999**

ليگل پريڪٽشنرز ۽ بار ڪائونسل ايڪٽ 1973 جي سيڪشن(1-13 (a تحت قانوني امداد فراهم ڪرڻ جو ذڪر ٿيل آهي، انهي سيڪشن 1999 ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو جڏهن مفت قانوني امداد واري ڪاميٽي جا قائدا پڌرا ڪيا ويا هئا.

**قانوني امداد ڪاميٽين جو آئين**

مفت قانوني امداد ڪاميٽيون ضلعي، صوبائي ۽ وفاقي سطحن تي قانوني امداد ڪاميٽين جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي.

**وفاقي مفت قانوني امداد ڪاميٽي**

وفاقي ڪاميٽي پاڪستان بار ڪائونسل جي پنج چونڊيل ميمبرن تي مشتمل هوندي جنهن ۾ هر صوبي مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميمبر جو هجڻ ضروري آهي.

**صوبائي مفت قانوني امداد ڪاميٽي**

صوبائي ڪاميٽي لاڳاپيل صوبي جي پاڪستان بار ڪائونسل جي ٻن ميمبرن تي مشتمل هوندي جنهن کي پاڪستان بار ڪائونسل مقرر ڪندي.. ۽ ٻيا ميمبر پاڪستان بار ڪائونسل اندرئين طور مقرر ڪندي ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ هاءِ ڪورٽ بينچز اينڊ سرڪٽ جا صدر شامل هوندا.

**ضلعي مفت قانوني امداد ڪاميٽي**

ضلعي ڪاميٽي لاڳاپيل ضلعي مان صوبائي بار ڪائونسل جي هڪ ميمبر، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر ۽ سيڪريٽري تي مشتمل هوندي.

**وڪيلن جو پئنل**

سيئي ڪاميٽيون ٻن قسمن جي وڪيلن جا پئنل سنڀاليندييون جنهن ۾ هڪڙا اهي وڪيل شامل هوندا جيڪي رضاڪارانہ طور تي بنا ڪنهن معاوضي جي قانوني امداد فراهم ڪندا ۽ ٻيا اُهي جيڪي پنهنجيون پيشہ ورانہ خدمتون فيس يا فيس جي حصي جي عيوض آڇ ڪندا.

**سال ۾ هڪ ڪيس جي شرط**

قائدن تحت پاڪستان بار ڪائونسل ۽ صوبائي بار ڪائونسل جو هر هڪ ميمبر ڪاميٽي پاران ڏنل سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مفت قانوني مدد فراهم ڪندو.

### فنڊنگ جا ذريعا

مفت قانوني امداد واري ڪاميٽين کي پاڪستان بار ڪائونسل، سرڪاري، غير سرڪاري ادران ۽ ٻين فردن پاران فنڊنگ ملندي آهي.

## پبلڪ ڊفينڊر اينڊ ليگل ائڊ آفيس آرڊيننس 2009

پبلڪ ڊفينڊر اينڊ ليگل ائڊ آفيس آرڊيننس 2009 مفت قانوني امداد فراهم ڪرڻ ڪاءِ هڪ ٻيو طريقيڪار هو. جيتوڻيڪ اهو آرڊيننس قانون نہ بڻجي سگهيو پر ان جي ڍانچي جو هتي ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي.

### پبلڪ ڊفينڊرز آفيسس جو آئين

پبلڪ ڊفينڊر جي آفيس چيف پبلڪ ڊفينڊر، ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر تي مشتمل آهي.

### پبلڪ ڊفينڊر جي ڀرتي

چيف پبلڪ ڊفينڊر، ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر کي حڪومت مقرر ڪندي آهي.

### پبلڪ ڊفينڊر جي آفيس

چيف پبلڪ ڊفينڊر صوبائي آفيس جو سربراهه هوندو آهي. جنهن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 45 سال هوندي ۽ اعليٰ ڪارڪردگي جي رڪارڊ جو مالڪ هوندو. انهي کان علاوه هو بغير شڪ جي سٺي ساک وارو ۽ سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي وڪالت جو گهٽ ۾ گهٽ 15 سالن جو تجربو رکندو هجي. ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر پنهنجي ڊيوٽي جي دوران چيف پبلڪ ڊفينڊر کي رپورٽ ڪندا.

### چيف پبلڪ ڊفينڊر

چيف پبلڪ ڊفينڊر حڪومت جي نگراني ۽ ڪنٽرول هيٺ سيئي انتظامي ۽ ادارتي معملا سنڀاليندو، ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر کي ڪم ڏيندو، حڪومت سان ڄاڻ ونڊيندو، ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر جي ڪارڪردگي جوجائزو وٺندو. چيف پبلڪ ڊفينڊر جو ڪم ڪورٽ ۾ نمائندگي ڪرڻ، مسڪين ڌر جي ڪيس ۾ قانوني صلاح يا مشورو ڏيڻ، ۽ مسڪين جي ڪيس کي ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر ۽ پبلڪ ڊفينڊر ڏانهن اماڻڻ آهي.

### ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر

ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر کي حڪومت مقرر ڪندي آهي جنهن کي هاءِ ڪورٽ جي وڪالت جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سالن جو تجربو هجڻ ضروري آهي. هن جو ڪم ڪورٽ ۾ نمائندگي ڪرڻ، مسڪين ڌر جي ڪيس ۾ قانوني صلاح يا مشورو ڏيڻ، ۽ مسڪين ڌر جي ڪيس کي ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر ۽ پبلڪ ڊفينڊر ڏانهن اماڻڻ آهي

### ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر

ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر کي حڪومت مقرر ڪندي آهي جنهن کي هاءِ ڪورٽ جي وڪالت جو گهٽ ۾ گهٽ ستن سالن جو تجربو هجڻ ضروري آهي. ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر جي ڪمن ۾ ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ۽ چيف پبلڪ ڊفينڊرجي مدد ڪرڻ، مسڪين ڌرين جي شناخت لاءِ جيلن جا دورا ڪرڻ، مسڪين ڌر جي ڪيس ۾ نمائندگي ڪرڻ، ۽ مسڪين ڌر جي اهليت طئہ ڪرڻ شامل آهن.

### پبلڪ ڊفينڊر

حڪومت هر تعلقي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پبلڪ ڊفينڊر مقرر ڪندي آهي. پبلڪ ڊفينڊر مسڪين ڌر جي ڪيس ۾ نمائندگي ڪندو آهي،

مسڪين ڌر جي اهليت طئہ ڪندو آهي ۽ قانوني مشورو پڻ ڏيندو آهي. انهي ڪا علاوه ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر جي مدد پڻ ڪندو آهي.

**قانوني مدد لاءِ درخواست**

ڪو بہ ماڻهو جيڪو مسڪين ڌر هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو هو چيف، ايڊيشنل ۽ ڊسٽرڪٽ يا پبلڪ ڊفينڊر ڪي درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو. جيڪڏهن مسڪين ڌر جيل ۾ آهي تہ هو سپرنٽينڊنٽ جيل جي ذريعي درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو. جيڪڏهن مسڪين ڌر جي عمر ارڙهن (18) سالن کان گهٽ آهي تہ هو ڪهن انساني فلاحي ڪمن ۾ دلچسپي رکندڙ شخص جي ذريعي قانوني امداد يا قانوني مشوري لاءِ درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو. انهي درخواست سان گڏ هڪ اقرارنامو پڻ جمع ڪرايو ويندو جنهن ڪي مسڪين ڌر هجڻ جي ثبوت طور مجيو ويندو. انکان علاوه مسڪين ڌر ڪي جاڻڻ لاءِ ٻي ڪا بہ پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويندي. ڪورٽ ڊفينڊرز ڪي پڻ اهو حڪم ڏيئي سگهي ٿي تہ هو ٻڌڻي دوران مسڪين ڌر جي طرفان پيش ٿي سگهي ٿو.

**رپورٽنگ**

پبلڪ ڊفينڊر رپورٽ ڊسٽرڪٽ پبلڪ ڊفينڊر ڪي جمع ڪرائيندو جيڪو ايڊيشنل پبلڪ ڊفينڊر ڪي جمع ڪرائيندو ۽ هو ان ڪي اڳتي چيف پبلڪ ڊفينڊر ڪي جمع ڪرائيندو. چيف پبلڪ ڊفينڊر حڪومت ڪي سالياني آڊٽ رپورٽ مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽِن مهينن اندر جمع ڪرائيندو.

## مسڪين ڌر لاءِ فنڊ قائدا، 1974 (Destitute Litigant Fund Rules, 1974)

غريب ڌر لاءِ فنڊ قائدا، 1974 غريب ڌر ڪي آئيني معملن ۾ قانوني امداد مهيا ڪن ٿا.

**مسڪين ڌر جي وصف**

قائدن مطابق غريب ماڻهو اهو آهي جنهن وٽ آئيني درخواست جمع ڪرائڻ لاءِ ڪورٽ جي فيس يا ٻين خرچن ڪي ڏيڻ لاءِ ڪو بہ ذريعو نہ هجي.

**مدد لاءِ درخواست**

قائدن جي هيٺ ڪو بہ ماڻهو مدد لاءِ ڊپٽي رجسٽرار (جوڊيشل) يا ٻي ڪنهن بااختيار ماڻهو ڪي درخواست جمع ڪرائي سگهي ٿو. ڊپٽي رجسٽرار (جوڊيشل) يا ٻي ڪنهن بااختيار ماڻهو لاءِ ضروري آهي تہ هو انهي معملي جي پڇا ڳاڇا ڪري ۽ درخواست ڪي پنهنجي اطمينان تي قبول ڪري سگهي ٿو.

قائدن تحت جيڪڏهن ڪو درخواست گذار فنڊ مان مدد جي گهر ڪري ٿو تہ هن ڪي جيڪڏهن پهنجي متحرڪ يا غير متحرڪ ڪا ملڪيت آهي ان جي ماليت جو ڪاٿو ۽ آمدني جي ٻي ڪنهن ذريعي جون ڪاپيون درخواست سان گڏ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائيون هونديون.

پڇا ڳاڇا وارو آفيسر (Inquiry Officer) جيڪڏهن پيش ڪيل شاهدين مان مطمئن نہ هوندو تہ هو درخواست گذار جي مسڪين هجڻ واري بيان جي حوالي سان لاڳاپيل ڪليڪٽر کان رپورٽ طلب ڪندو.

**فنڊ جا ذريعا**

قائدن تحت حڪومت سيني هاءِ ڪورٽن ڪي غريب ماڻهن ڪي قانوني امداد ڏيڻ لاءِ فنڊ مقرر ڪندي.

## ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 (The Code of Civil Procedure, 1908)

ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 (The Code of Civil Procedure, 1908) غريب يا مسڪين ڪيس وڙهندڙ لاءِ وڪيل جي تقرري جو طريقيڪار فراهم ڪري ٿو. سول ڪورٽ پاڻهي طئہ ڪندي تہ ڪيس وڙهندڙ مسڪين آهي

## ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (The Code of Criminal Procedure, 1898)

ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (The Code of Criminal Procedure, 1898) جو سيڪشن 340 رياست جي خرچي تي وڪيل فراهم ڪري ٿو. انهي ڪان علاوه The High Court Rules (Vol. V, Ch. 4-E) پڻ موت جي سزا واري ملزم ڪي رياست جي خرچي تي قانوني مدد فراهم ڪن ٿا.

## حصو (ج) - فعال ۽ پائيدار قانوني امداد قانوني مدد وارو سرشتو مکيہ مسئلا ۽ مشڪلاتون

پاڪستان ۾ قانوني مدد جي صرتحالي تجزيو ٻڌائي ٿو تہ قانوني مدد هميشہ هڪ نظر انداز پهلو رهيو آهي. پاڪستان ۾ ڪيترائي قانون موجود آهن پر جڏهن اهي عملي ڪاڪردگي واري امتحان مان گذرن ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ انهن ۾ ڪيتريون ئي ڪوتايون آهن. انهن قانونن کي ٺاهڻ جو مقصد تہ غريب ۽ ڪمزور طبقي کي قانوني سرشتي تائين رسائي جي خاطري ڪرائڻ آهي. انهي سرشتي ۾ ڪجهہ خاميون آهن جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ڪم ۾ رنڊڪ وجهن ٿيون.

### 1 - لڳاتار ۽ گهٽي فنڊنگ جو مسئلو

گهٽي فنڊگ جي دستيابي ۽ مسلسل قانوني امداد فراهم ڪرڻ واري سهولت لاءِ بنيادي شرط آهي. فنڊگ جي عدم دستيابي قانوني امداد فراهم ڪرڻ واري سهولت جي تسلسل ۽ پائيداري کي يقيني نٿي بڻائي سگهي. پاڪستان ۾ قانوني امداد لاءِ فنڊگ تمام ٿوري آهي جيڪا گهرج کي پورو نٿي ڪري سگهي. ان ڪان علاوه قانوني امداد فراهم ڪرڻ واري سرشتي ۾ رائج ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي ڪري رياست پاران فراهم ڪيل رقم هيٺئين سطح جي ماڻهن تائين نٿي پهچي. مطلب تہ دستياب ٿيل فنڊگ مخصوص غريب ماڻهن جي انگ کي فائدو نٿي رسائي سگهي.

### 2- خاطرخواه قانوني امداد جي طريقيڪار جي گهٽتائي جو مسئلو

جيئن تہ وڪيلن، بار اسيوسيئيشنز ۽ سماجي تنظيمن ۾ غريب ماڻهن کي قانوني امداد فراهم ڪرڻ واري سهولت لاءِ دلچسپي موجود آهي پر قانوني امداد فراهم ڪرڻ لاءِ اهڙو ڪو بہ منظم ۽ خاطرخواه طريقيڪار موجود نہ آهي. انهي ڪري قانوني امداد هاڻ سهولت فراهم ڪندڙن جي اشتياق ڏنو آهي. قائدا ان بابت ڪجهہ نٽا چون يا ڪاميٽي جو سربراهہ بہ پنهنجا اختيار استعمال ڪندي قائدن جي سمجهاڻي نٽا ڪهرن.

### 3 - وڪيلن جي رضاڪاراڻہ خدمتن تي پاڙڻ

اڪثر ادارا جيڪي غريب ماڻهو کي قانوني امداد فراهم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندا آهن اهي وڪيلن جي رضاڪاراڻہ خدمتن تي پاڙيندا آهن. ضلعي قانوني بااختيار ڪاميٽين جيان دستياب ٿيل فنڊز استعمال نہ ٿي سگهندا آهن ڇاڪاڻ تہ ان فنڊ کي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون رسمي ڪارروايون شامل آهن. اهو انهي ڪري آهي ڇاڪاڻ جو قائدا اهڙي قسم جي فنڊ جي صحيح استعمال لاءِ ڪو بہ طريقيڪار فراهم نٽا ڪن.

### 4- ڪمزور فراهمي واري پاسو

قانوني امداد فراهم ڪرڻ وارن جي صلاحيت مسڪين ماڻهن جي گهرجن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. اهو ڏنو ويو آهي تہ آبادي جي تمام ٿوري حصي کي قانوني امداد ذريعي انصاف جي مکيہ ڏارا واري سرشتي تائين رسائي آهي.

### 5- قانوني امداد فراهم ڪرڻ وارن جي وچ ۾ تعاون ۽ رابطي جي گهٽتائي

مختلف قانوني امداد فراهم ڪرڻ وارن جي پاڻ ۾ تعاون ۽ رابطي جي گهٽتائي آهي ۽ هڪ قانوني امداد فراهم ڪندڙ اڪيلائپ ۾ ڪري ٿو ۽ ٻي سان ڪٽيل هوندو آهي.

### 6-نگراني ۽ رپورٽنگ واري طريقيڪار جي کوٽ

واضح ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار، صحيح نگراني، رپورٽنگ ۽ جائزي وٺڻ واري طريقاڪارن جي کوٽ جي ڪري اهو ناممڪن آهي تہ ماڻهن کي فراهم ڪيل قانوني امداد وارن جي معيار ۽ ماپي جو جائزو وٺي سگهجي.

**7- عوام ۽ ماڻهن ۾ شعور جي گهٽتائي**

غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن ۾ عام طور تي قانوني حقن، قانوني امداد ۽ اپاءُ جي باري ۾ شعور جي گهٽتائي هوندي آهي ۽ ڪجهه ڪيسن ۾ وري وڪيلن ۾ پڻ شعور جي کوٽ ڏٺي وئي آهي.

**8- اهليت جي معيار جي گهٽتائي**

عام طور تي قانوني امداد جي اهليت جي معيار جي گهٽتائي آهي. مختلف قائدا مختلف معيار فراهم ڪن ٿا جيڪي هم مستحق ماڻهو جي مال حالت جي گرد گهمن ٿا. هڪ مستحق ماڻهو جي مالي حالت جو اندازو ڪيئن لڳائجي اهو ڏاڍو ڏکيو آهي.

**9 - قانوني امداد جي هڪجهڙي وصف جي کوٽ**

پاڪستان ۾ قانوني امداد جي ڪا بہ متفق طور تي بيان ڪيل يا هڪجهڙي وصف موجود ناهي. پبلڪ ڊفينڊرز آرڊيننس قانوني امداد جي وصف ۾ قانوني مشورو شامل ڪيو پر اها قانون نہ بڻجي سگهيو. ان ڳالھ تي قانوني امداد فراهم ڪرڻ وارا متفق نٿا لڳن تہ هڪ مستحق ماڻهو قانوني امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽي سان ڪڏهن رابطو ڪري.

**10-نگراني ۽ جائزي واري سرشتي جي کوٽ**

قانوني امداد وارا قائدا هڪ مظبوط نگراني وارو سرشتو فراهم نٿا ڪن جيڪي سهوليت جي شفاف فراهمي ۽ معيار جي خاطري ڪن.انهن قائدن ۾ ڪجهه گنجائشون آهڻ جتي قانوني امداد وارن وڪيلن جي ڪارڪردگي ۽ ڪيس جي جائزو جو ذڪر ٿيل آهي پر اهي بہ هڪ صحيح نگراني ۽ جائزي واري سرشتي ۾ تبديل نٿيون ڪري سگهن.

**11- رپورٽنگ واري سرشتي جي کوٽ**

پبلڪ ڊفينڊرز آرڊيننس کان علاوه، جهن ۾ رپورٽنگ جو ذڪر ٿيل آهي، باقي ڪٿي بہ خاص رپورٽنگ جي حوالي سان ڪو بہ ذڪر ٿيل ناهي.

**12- ريفرل سرشتي جي کوٽ**

قانوني امداد واري سرشتو هڪ واضح ۽ هڪ جهڙو ريفرل وارو سرشتو فراهم نٿو ڪري. اڪثر جج يا جيلون قانوني امداد لاءِ ڪيس اماڻيندڀون آهن. اهو خاص ڪري ضلعي بااختيار بڻائڻ واريون قانوني ڪاميٽيون جي بابت صحيح آهي.

**13 -غريب ڪيس وڙهندڙ جي چونڊ طريقيڪار جي کوٽ**

قائدا هڪ مستحق ڌر جي چونڊ جي معيار ۽ طريقيڪار جا تفصيل ۽ رهنمائي بيان نٿا ڪن.

**14 - مناسب درخواست حاصل ڪرڻ واري سرشتي جي کوٽ**

مختلف قائدا عوام لاءِ قانوني امداد لاءِ درخواستن جا مختلف طريقيڪار فراهم ڪن ٿا پر درخواست وٺڻ لاءِ ڪاميٽي اهڙو ڪو بہ سرشتو نہ جوڙيو آهي.

## حصو (د) - سفارشون

1. جيڪي ادارا قانوني امدادي خدمتون فراهم ڪندا آهن، انهن جي صلاحيتن ڪي انهن جي پيماني، ان جي وسعت ڪاري ۽ معيار جي اعتبار کان ان ۾ وڌيڪ اضافي ڪرڻ جي ضرورت آهي. بار ايسوسي ايشنون، بينچ ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن جي وچ ۾ مناسب رابطو ۽ تعاون پيدا ڪرڻ جا طريقا جوڙڻ جي ضرورت آهي. مناسب قانوني امدادي خدمتن جي فراهمي جي لاءِ ان جي صلاحيت پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي لاءِ انهن ادارن جو مفصل جائزو وٺڻ ۽ عملي ڪم جو نمونو پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.
2. جاچ پڙتال ۽ جائزي وٺڻ جي مناسب طريقيڪار کي قائم ۽ دائم رکڻ ضروري آهي جيئن ان جي ڪارڪردگي ۽ فراهم ڪيل خدمتن جي احتساب جي نظام ۾ سڌارو آندو وڃي.
3. قانوني حقن، استحقاق ۽ سڌارن جي لاءِ موجود فورم جي باري ۾ ڄاڻ جي کوٽ انصاف تائين پهچ جي لاءِ هڪ تمام وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي ۽ ان جي لاءِ ليگل ايڊ سينٽرز ۽ ليگل ايڊ ڊيسڪ هر بار ايسوسي ايشن جي سطح تي قائم ڪرڻ گهرجن ۽ ان جي مناسب طور تي تشهير ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ ماڻهن ۾ قانوني حقن جي باري ۾ ڄاڻ وڌائڻ ۽ ان جو بندوبست ڪرڻ ۽ خاص طور تي آبادي جي غريب ۽ پنتي پيل طبقن جي لاءِ ڀرپور مهمون منعقد ڪرڻ گهرجن.
4. مناسب ريڪارڊ رکڻ جي کوٽ هڪ سنگين مسئلي جي طور تي سامهون آئي آهي جنهن سان فيلڊ ۾ صحيح صورتحال جو جائزو وٺڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ ان لاءِ ريڪارڊ برقرار رکڻ جو هڪ مناسب نظام جوڙڻ گهرجي. اهڙي طرح هڪ مناسب رپورٽنگ نظام جو وجود ۾ نه هجڻ آهي جنهن جي هڪ سنجيده مسئلي جي طور تي نشاندهي ڪئي وئي جنهن سان قانوني امدادي خدمتن جي مجموعي ڪارڪردگي جو مناسب جائزو وٺڻ ۾ رخنو وجهڻ آهي، ان لاءِ هڪ رپورٽنگ سسٽم به جوڙڻ گهرجي.
5. ڪلينڪ جي ذريعي قانوني تعليمي پروگرام، اسٽريٽ لا ۽ مقامي يا ويجهين لا ڪاليجن ۾ ليگل ڪلينڪ ماڊل جي قيام سان قانوني امدادي خدمتن ۽ عوامي ڄاڻ جون ڪوششون ٿيڻ هڪ ٻئي جي لاءِ فائدي واريون ۽ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. انهن پروگرامن جي ذريعي انساني حقن ۽ قانوني امداد جي وڪيلن جي اڳين نسل تيار ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي سگهي ٿي. پاڪستان بار ڪونسل کي سمورن قانون جي تعليمي اسڪولن ۾ ڪلينيڪل قانوني تعليم کي لازمي قرار ڏيڻ جي لاءِ پائيدار قدم ڪرڻ گهرجن.
6. وڪيلن جي صلاحيت کي اهم مسئلي جي صورت ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي جنهن جي لاءِ تربيت لاءِ ضرورت جو جائزو وٺڻ گهربل آهي. اهڙي طرح ضروري مسلسل قانوني تعليم کي پوري ملڪ ۾ متعارف ڪرايو وڃي جنهن جو مقصد نوجوان وڪيلن جي تربيت ۽ ترقي هجي. نوجوان وڪيلن ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن کي به قانوني امداد ۽ قانون کان ڄاڻ جي پروگرامن جي حمايت ۽ مدد جي لاءِ ترغيب ڏني وڃي.
7. ڊسٽرڪٽ ليگل ايمپاورمينٽ ڪميٽيون (ڊي ايل اي سي) به صحيح وقت تي هڪ صحيح قدم ثابت ٿي سگهن ٿيون ۽ ان جي ڪاميابي جو دارومدار مناسب طريقيڪار حقيقت تي ٻڌل مقصدن، رضاڪاراڻي طور تي ۽ بار جي ميمبرن جي پاران معمولي فيس تي خدمتون فراهم ڪرڻ وارن وڪيلن، انهن سيني لاءِ مناسب طريقو اختيار ڪرڻ تي آهي. هيءُ ماڊل جيڪڏهن ڪامياب رهيو ته اهو حڪومت پاران قانوني امداد جي لاءِ ڊگهي مدي وارا مالياتي وسيلا حاصل ڪرڻ ۾ فائدي وارو ۽ نتيجا ڏيندڙ ثابت ٿيندو.

8. اها سفارش ٻه ڪئي وڃي ٿي ته قانوني امداد جي لاءِ برابر قانون ٺاهيو وڃي ۽ هڪ قانوني امداد جي اٿارٽي ملڪ ۾ ماڻهن جي موجوده ۽ مستقبل جي قانوني ضرورتن کي نظر ۾ رکي قائم ڪئي وڃي.

9. اها تجويز پيش ڪئي وڃي ٿي ته قانوني امداد کان آگاهي جو هڪ پروگرام متعارف ڪرايو وڃي جنهن جو مقصد حقن ۽ قانونن کي سمجهڻ هجي ۽ ان ۾ رضاڪارن ۽ خاص طور تي شاگردن کي شريڪ ڪيو وڃي.

10. اها به سفارش ڪئي وڃي ٿي ته هڪ قانوني امداد جي انتظام جو احسن نظام جوڙيو وڃي جنهن ۾ مرڪز ۾ هڪ مستقل ڪميٽي هجي ۽ عوامي سطح تي ذيلي ڪميٽيون هجن. قانوني امداد جي وڪيلن جي ڪارڪردگي جانچڻ لاءِ به هڪ ادارو قائم ڪرڻ گهرجي.

11. قانوني امداد سان لاڳاپيل سمورن وڪيلن جي فهرست ۾ داخلا جي لاءِ هڪ مناسب طريقيڪار قائم ڪرڻ گهرجي. هڪ فهرست ضلعي ۽ اعلي عدالتن جي سطح تي برقرار رکي وڃي جيئن قانوني امدادي خدمتن تائين آساني سان ۽ تيزي سان پهچ حاصل ٿي سگهي. بار ڪونسلن کي به قانوني امدادي خدمتن ۽ خاص طور تي حساس جڳهن جي لاءِ مشهور وڪيلن جي فهرست تيار ڪرڻ ۽ رکڻ گهرجي جڏهن ته قانوني امداد سان لاڳاپيل وڪيلن جي فهرست تيار ڪئي وڃي، انهن وڪيلن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي جيڪي رضاڪاراڻي طور تي خدمتن جو تجربو رکندا هجن.

12. تجربي جي بنياد تي اهليت/شرطن جو طريقيڪار جوڙيو وڃي جيڪو سول جج/جوڊيشل مجسٽريٽس جي عدالت جي لاءِ 5 سال کان گهٽ نه هجڻ گهرجي جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج جي عدالت جي لاءِ 7 سال ۽ هاءِ ڪورٽ جي لاءِ 10 سال هجڻ گهرجي. نوجوان وڪيلن جي قانوني امدادي خدمتن تائين فراهمي جي لاءِ سينئر وڪيلن جي نگراني ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي جنهن سان معياري ڪم يقيني ٿي سگهي

13. فائدو حاصل ڪندڙ ماڻهن جي اهليت جي لاءِ طريقيڪار/شرطن کي به سوچي سمجهي طئي ڪرڻ گهرجي. قانوني امداد جو فائدو وٺڻ وارو ماڻهو هڪ اهڙو شخص هجڻ گهرجي جيڪو غربت جي ليڪر کان هيٺ رهندو هجي ۽ ڪيسن جا خرچ ادا ڪرڻ جي طاقت نه رکندو ۽ ان کي پنهنجي مالياتي حيثيت جو ثبوت فراهم ڪرڻ گهرجي جهڙوڪ ان وٽ موجود آمدني کي ظاهر ڪرڻ. فائدو حاصل ڪندڙ جي سڃاڻپ جو مناسب تحقيقاتي طريقيڪار هجڻ گهرجي. تنهن هوندي زڪوات جي وصولي فائدو ڪٽندڙن جو پتو لڳائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجڻ گهرجي. ضلعي ۽ تحصيل بار ايسوسي ايشن قانوني امداد جي مستحقن جي تصديق ۽ سفارش ڪري سگهن ٿا.

**14.** اطلاعن کي گڏ ڪرڻ ۽ ميڊيا جي لاءِ نظام جوڙڻ گهرجي. انگن اکرن کي جمع ڪرڻ جو اثرائتو نظام ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي (آءِ ٽي) کي متعارف ڪرائڻ گهرجي جيڪا سڀ جي لاءِ پهچ جوڳي هجي. هڪ باهمي ويب سائيٽ ان مقصد لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿي.

پاکستان انسٹیٹیوٹ آف لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ اینڈ ٹرانسپیرنسی

اسلام آباد آفیس: پي او باکس نمبر 278، ایف ایٹ، پوسٹل کوڈ 44220، اسلام آباد، پاکستان
لاهور آفیس: پي او باکس 11098، ایل سي سي ایچ ایس، پوسٹل کوڈ 54792، لاهور، پاکستان
اي میل info@pildat.org ویب سائیٹ www.pildat.org